شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ جي ملفوظات جو تحريري گلدستو

# امير اهل سُنت کان
# بدشگوني جي باري ۾ 20 سوال جواب

(سندھی)



مُختلف شين کان بُري فال وٺڻ
ڇا ڪنهن جا ستارا گردش ۾ ايندا آهن؟
شيشي جي ٽٽڻ تي شگون وٺڻ ڪيئن؟
سج گرهڻ يا چنڊ گرهڻ جو اثر......


شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ الله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **امير اهلسنّت کان بدشگوني (بدفالي) جي باري ۾ 20 سوال جواب**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو رسالو

# اميرِ اهلسنّت کان بدشگوني (بدفالي) جي باري ۾ 20 سُوال جواب

### پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

### ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي- جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو-


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# امير اهلسنت کان بدشگوني (بدفالي)
# جي باري ۾ 20 سوال جواب

دعاءِ خليفهءِ عطار: يارَبَّ المصطفيٰ! جيکو مکمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان بَدشگوني(بدفالي) جي باري ۾ 20 سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي بدشگوني ۾ وهمن کان محفوظ فرماءِ ۽ اُن جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ ابوبکر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرت ابوبکر بن مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ تشريف کڻي آيا ته انهن يڪدم اٿي کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي کري نهايت تعظيم سان پاڻ وٽ ويهاريو، حاضرين عرض ڪيو: ياسيّدي اوهان ۽ اهلِ بغداد ڪالهه تائين هن کي ديوانو چوندا رهيا آهيو پر هاڻي انهن جي ايتري قدر تعظيم چو؟ جواب ڏنائون: مون هي ايئن ئي توري ڪيو آهي؟ الحمدلله! اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو ته ابوبکر شبلي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي کري کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي کري پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شبلي تي ايتري قدر شفقت جي وجهه؟ الله پاڪ جي پياري محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو ته هي هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي.

﴿لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾﴾(پ 11، التوبة: 128) ۾ ان کان بعد مون تي درود شريف پڙهندو آهي. (القول البديع، ص 346)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** اسان جي سماج ۾ مختلف قسم جي بري فال ورتي ويندي آهي، جهڙوڪ سامهون کان ڪاري ٻلي گذري وڃي ته هيئن ٿي ويندو، ڪانءُ ڳالهائي(آواز ڪڍي) ته هيئن ٿي ويندو، ۽ تيل ڪِري پوي ته هيئن ٿي ويندو وغيره. مهرباني ڪري هي ٻڌايو ته اسلام اسان کي هن باري ۾ ڇا تعليم ڏئي ٿو؟

**جواب:** بدفالي حرام آهي. (الطريقة المحمدية،17/2) دنيا ۾ هڪ غير مسلم قوم آهي، جيڪا ڪاري ٻلي کان بري فال وٺندي آهي. ايتري تائين جو جيڪڏهن ان قوم جا ماڻهو ڪٿي سفر تي وڃي رهيا هجن ۽ انهن جي اڳيان کان ڪاري ٻلي گذري وڃي ته هو واپس هليا ايندا ۽ سمجهندا آهن ته جيڪڏهن هاڻي سفر ڪيو ته نقصان ٿي ويندو، پر بدقسمتي سان هن قوم سان گڏ رهي ڪري ڪجهه مسلمانن به ڪاري ٻلي کان بدفالي وٺڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن ڪنهن نيڪ ڪم ۾ ڪڏهن بدفالي(بري فال وارو ڪو معاملو ٿي وڃي ته اهو ڪم ضرور ڪري ڇڏڻ گهرجي، مثال طور توهان قافلي ۾ سفر ڪري رهيا آهيو ۽ ڪاري ٻلي قافلي ۾ سفر ڪندڙ هر فرد جي اڳيان کان گذري وڃي، ۽ هڪ

دفعو نہ پر 100، 100 دفعا گذري وجي، تڏهن بہ توهان پنهنجو سفر جاري رکو اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! وڏيڪ ڪاميابي ملندي تہ هن طريقي سان توهان کي بدفالي جو رد ڪرڻو آهي.

مان هڪ دفعو ڪٿي وڃي رهيو هئس ۽ منهنجي اڳيان ڪان ڪاري ٻلي گذري وئي، پر مون پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ الله پاڪ جي رحمت سان اڄ مان توهان سان گڏ ويٺل آهيان، تہ ڪاري ٻلي کان بدفالي وٺڻ اسان جو نہ پر غير مسلمن جو عقيدو آهي، ۽ اسلام ۾ بدشگوني(بري فال) وٺڻ ناجائز آهي .

(ملفوظات امير اهل سنت، 109/3)

**سوال**: 13 جي عدد کي منحوس سمجهي ڪري ان کان بدفالي وٺڻ ڪيئن آهي؟ ۽ صفر مهيني کي منحوس سمجهي ان ۾ شاديون نہ ڪرڻ ڪيئن آهي؟[1]

**جواب**: اڄڪلهہ ماڻهو 13 جي عدد کي منحوس سمجهندا آهن ۽ ان کان بدشگوني (بري فال) وٺندا آهن. 13 جي عدد جي بہ چا ڳالهہ ڪجي چوتہ پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت کان پوءِ 13 سالن تائين مڪي شريف کي پنهنجي قدم چمڻ جي سعادت عطا فرمائي. ان کان پوءِ 10 سال تائين مدينہ منوره جي هوائن کي زلف چمڻ جي سعادت بخشي، سو 13 جو عدد بُرو نہ آهي. (بخاري، 590/2، حديث: 3902 . مسلم، ص 984، حديث: 6097)

اهڙي طرح ڪجهہ ماڻهو صفر مهيني کي بہ بُرو چوندا آهن نہ

---

[1] هي سوال شعبہ ملفوظات امير اهلسنت جو قائم ڪيل آهي ۽ جواب امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَہ طرفان ڏنو ويو آهي.

جاڻ انهن کي چا تي ويو آهي؟ جڏهن تہ خاتونِ جنَّت حضرت بيبي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنہا ۽ مولا مشکل کُشاء حضرتِ علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنہُ جي شادي صفر مهيني ۾ تي هئي. (الكامل فى التاريخ،2/ 12)

۽ هي ويچارا ماهِ صفر ۾ شاديون ناهن کندا تہ هي منحوس مهينو آهي، حالانک مولا مشکل کُشا رَضِیَ اللہُ عَنہُ ۽ بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنہا جو نکاح پاڻ سرکار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي موجودگي ۾ ٿيو آهي. تنهنکري ماهِ صفر ۾ نکاح کرڻ گهرجي، بلک اهتمام سان کرڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهن جي بدشگونيءَ جو زور ٽُٽي. (ملفوظات امير اهل سنت، 506/3)

## 13 جي عدد بابت ماڻهن جا غلط خيال

کيترائي ماڻهو ”13“ نمبر کان بہ بُري فال وٺندا آهن ۽ ”13“ نمبر نہ لکندا آهن، ايتري تائين جو کمري ۽ سيٽ تي بہ ”13“ نمبر نہ لکندا آهن. هي بہ معلومات جي گهٽتائي سبب آهي، نہ تہ ”13“ نمبر بُرو نہ، بلک تمام سنو آهي ۽ ان کي کيترين ئي نسبتون حاصل آهن. جهڙوک موليٰ مشکل کُشا حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنہُ جي ولادت جي تاريخ بہ 13 رجب المرجب آهي. (نور الابصار فى مناقب آل بيت النبى المختار،ص 85) ائين ئي جنگِ بدر ۾ صحابہ کِرام رَضِیَ اللہُ عَنہُم جي تعداد 313 هئي. (ترمذي، 220/3، حديث: 1604)

۽ ايامِ تشريق جو آخري ڏينهن بہ 13 ذو الحجة الْحَرام آهي، 9 ذو الحجة الْحَرام جي فجر کان وٺي 13 ذو الحجة الْحَرام جي عصر تائين تکبيرِ تشريق پڙهي ويندي آهي. (درمختار، 71/3، 75 ملتقطا)

13 تاريخ تي جيکڏهن کنهن وٽ پٽ پيدا ٿئي تہ چا معاذاللہ ان کي ڦٽو کري ڇڏيندا تہ منحوس تاريخ ۾ پيدا ٿيو آهي؟ هرگز نہ،

بهرحال 13 جو عدد تمام سنو آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 110/3)

**سوال**: ڪجهه ماڻهو هن ريت بدفالي وٺندا آهن ته اسان جي گهر ۾ فلاڻي شيءِ پچندي آهي ته ڪو بيمار ٿي ويندو آهي يا آفت اچي ويندي آهي، اهڙن ماڻهن کي ڪيئن سمجهائجي؟

**جواب**: اسلام ۾ بدفالي نه، نيڪ فالي آهي ۽ بدفالي ناجائز ۽ گناهه جو ڪم آهي. (الطريقة المحمدية، 17/2)

هر قوم، هر برادري، هر ڳوٺ، هر شهر ۽ هر ملڪ ۾ الڳ الڳ بدفاليون پايون وينديون آهن، جيڪي سيئي دوڪا آهن ۽ شريعت ۾ انهن جي ڪا اصل نه آهي. ماڻهو جهڙي بدفالي وٺندا آهن، حقيقت ۾ ايئن ناهي ٿيندو. سوال ۾ ڪاڌي پيتي جي حوالي سان بدفالي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، نه ته عام طور تي فلاڻو ڏينهن، فلاڻي تاريخ ۽ ماهِ صفر وغيره ڪيترن ئي معاملن ۾ بدفاليون پايون وينديون آهن جيڪي ڪافرن کان هلندڙ آهن. (ملفوظات امير اہل سنت،504/3)

**سوال** : اسان جي گهر جي گيلري ۾ روزانو به ڪانوَ لوهه جي تار ڪٽي اچن ٿا ۽ ان سان ڪجهه ناهن ٿا، جيڪڏهن ڪو انهن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اهي ان تي حملو ڪن ٿا ۽ زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳن ٿا. اڳ ۾ به ايئن ٿيو هو ۽ منهنجي ماءُ بيمار ٿي وئي هئي ۽ هاڻي وري ايئن ئي ٿيو آهي ۽ منهنجا والد صاحب بيمار ٿي ويا آهن. ان جو ڇا سبب آهي؟ ماڻهو چون ٿا ته ڪانءُ شيطاني مخلوق آهي ان کي نه هٽائڻ گهرجي، هاڻي اسان ڇا ڪريون؟ توهان ڪو حل ٻڌايو.

**جواب** : ڪانءُ شيطاني مخلوق ناهي. باقي ان کي شرعي اصطلاح ۾ فاسق چيو وڃي ٿو. (بخاري،204/1، حديث:1829 ماخوذاً) بهرحال الله

پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو ته توهان جا والدين واقعي انهن ڪانوَن جي ڪري بيمار ٿيا آهن يا هي اتفاقي بيماري آهي يا وري نفسياتي اثر جي ڪري دل تي هي ڳالهه ورتي وئي آهي ته هاڻي هي ڪانوَ اچي ويا آهن يقيناً ڪنهن جادو ڪرايو هوندو جنهن جي ڪري اسان بيمار ٿي وياسين وغيره. توهان دعوتِ اسلامي جي مجلس روحاني علاج جي تحت لڳندڙ بستي تان هن مسئلي جي حل لاءِ تعويذات وٺو، گهر ۾ لٽڪايو ۽ ماءُ پيءُ بلڪ گهر جا سيئي فرد پائي به وٺن. الله پاڪ هن مصيبت کان توهان کي نجات عطا فرمائي[1]. (ملفوظات امير اهل سنت،435/2)

**سوال :** ڪُڪُڙ ته اذان ڏيندو آهي، پر ڪُڪِڙ اذان چو نٿي ڏئي؟

**جواب** : ڪُڪُڙ، ملائڪن کي ڏسي اذان ڏيندو آهي، (بخاري، 405/2، حديث: 3303) ان ڪري جڏهن ڪُڪُڙ اذان ڏئي ته ان وقت الله پاڪ جي فضل ۽ رحمت جي دعا ڪرڻ گهرجي. ها! ڪُڪِڙ اذان ناهي ڏيندي، پر جيڪڏهن ڪڏهن مرغي اذان ڏئي ته ماڻهن کي هي غلط فهمي ٿي ويندي آهي ته "هيءَ مرغي منحوس آهي" جنهن جي ڪري ماڻهو ان کي ڪُهي ڇڏيندا آهن. اهڙي سوچ نه هجڻ گهرجي

---

[1]حضرت امام محمد آفندي رومي بِرڪلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: بدفالي وٺڻ حرام آهي ۽ نيڪ فال وٺڻ مستحب آهي. (الطريقته المحمديه، 175/3- 189) جيڪڏهن ڪنهن بدفال جو خيال دل ۾ ايندي ئي ان کي هٽائي ڇڏيو ته ان تي ڪجهه الزام ناهي پر جيڪڏهن ان بدفالي جي تاثير جو اعتقاد رکيو ۽ انهيءَ اعتقاد جي بنياد تي ان ڪم کان رڪجي ويو ته گناهگار ٿيندو. مثال طور ڪنهن شيءِ کي منحوس سمجهي سفر يا ڪاروبار ڪرڻ کان هي سوچي ڪري رڪجي ويو ته هاڻي مون کي نقصان ٿي ٿيندو ته هاڻي گناهگار ٿيندو. (بدشگوني، ص 13)

ءَ نہ ئي ڪُڪِڙ ڪي منحوس چوڻ گهرجي، چوتہ بُري فال وٺڻ گناهہ آهي، (تفسير نعيمي، پ9، الاعراف، تحت الايہ: 132، 119/9) ڪُڪِڙ تہ چڱي هوندي آهي.(ملفوظات امير اهل سنت،26/10)

**سوال:** جيڪڏهن ڪُڪِڙ اذان ڏيڻ لڳي تہ ڇا ان جا آنا ءِ گوشت کائي سگهون ٿا؟

**جواب** :جيڪا ڪُڪِڙ اذان ڏيندي هجي ان جا آنا ءِ گوشت کائڻ بلڪل جائز آهي. ڪجهہ ماڻهو اهڙي ڪُڪِڙ ڪي منحوس سمجهي ڪُهي ڇڏيندا آهن حالانڪہ هي بدشگوني (بدفالي) آهي ۽ بدفالي وٺڻ شرعاً جائز ناهي. عوام ۾ اهڙيون بيون بہ ڪُوڙ ڳالهيون مشهور آهن مثلاً ماهِ صفر يا ڪنهن خاص تاريخ کي منحوس سمجهڻ، ٻليءَ جو اڳيان اچڻ يا اک ڦڙڪڻ کي ڪنهن مصيبت جو سبب چوڻ وغيره وغيره، هي سيئي ڳالهيون بدفالي جي قبيلي (قِسم) مان آهن جن کان بچڻ ضروري آهي. اهڙي قسم جي وهمن ۽ باطل خيالن جي متعلق تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 127 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بدشگوني" جو مطالعو ڪريو. (ملفوظات امير اهل سنت، 176/1)

**سوال:** ٻڌو آهي تہ صفر مهيني جو آخري اربع مَردن تي ڀاري رهي ٿو. ڇا هي ڳالهہ درست آهي؟

**جواب:** نَعُوْذُبِاللّٰه! جيڪڏهن توهان ائين ٻڌو آهي تہ غلط ٻڌو آهي. صفر جو پهريون اربع نہ ڪنهن تي ڀاري آهي ۽ نہ ئي آخري اربع ڀاري آهي. صفر جو ڪو ڏينهن، ڪو ڪلاڪ، بلڪ ڪو لمحو بہ ڪنهن تي ڀاري ناهي. باقي اهو وقت انسان جي حق ۾ منحوس

هوندو آهي جنهن ۾ هو اللہ پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي ۽ اهو وقت تمام خوشگوار هوندو آهي جنهن ۾ هو نيڪي ڪندو يااللہ پاڪ جي فرمانبرداري ڪندو آهي[1]. (ملفوظات امير اهل سنت، 124/10)

**سوال:** مون پنهنجي استادن کان ٻڌو آهي ته اڱاري جي ڏينهن قينچي نه هلائڻ گهرجي، نه خالي نه ڪپڙن تي جو ان سان نحوست ٿيندي آهي، ان جي ڇا حقيقت آهي؟

**جواب:** اڱاري جي ڏينهن قينچي هلائڻ يا ڪپڙا ڪَٽڻ نحوست جو باعث ناهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 552/10)

**سوال** :جيڪڏهن ڪنهن جا نهيل ڪم بگڙي رهيا آهن ته ماڻهو چوندا آهن ته او ادا! تنهنجا ستارا ته گردش ۾ آهن، ڇا ائين چوڻ صحيح آهي؟ پڻ اهو ٻڌايو ته ڇا ستارا گردش ۾ ايندا آهن؟

**جواب:** "ستارا گردش ۾ هئڻ" هڪ محاورو آهي، نه ته ستارا ته گردش ۾ رهندا آهن، بيهندا ناهن. ائين به چيو ويندو آهي ته توهان تي گردش آهي. ڪڏهن ڪڏهن مصيبتن ۽ پريشانين جو هڪ دور هلندو آهي جنهن ۾ انسان اهو چوڻ لڳندو آهي ته "يار پهريان مٽي ۾ هٿ وجهندو هئس ته سون ٿي ويندي هئي، هاڻي سون ۾ هٿ

---

[1] حضرت علاّمہ اِسماعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: زماني جا اجزا پنهنجي اصل حقيقت ۾ برابر آهن ۽ انهن ۾ ڪو فرق ناهي، البتہ انهن اجزاء ۾ جيڪا نيڪي يا گناهہ واقع ٿئي ٿو ان ۾ فرق جي ڪري زماني جي اجزاء ۾ فرق ٿئي ٿو. تہ جُمعي جو ڏينهن نيڪ ڪم ڪندڙ جي اعتبار سان سعادت مندي جو ڏينهن آهي ۽ گناهہ ڪندڙ جي اعتبار سان (ان جي حق ۾) منحوس آهي. (تفسير روح البيان، پ 24، حمٓ السجدة، تحت الآية: 16، 244/8)

وجهان تو تہ متي تي وجي تو." اهڙي صورت ۾ هي محاورو چيو ويندو آهي. جڏهن خوشحالي هوندي آهي تہ عام طور تي انسان غفلت جو شڪار تي ويندو آهي، پر جڏهن مصيبت جو دور ايندو آهي تہ ان کي الله ياد اچي ويندو آهي، ائين مصيبت گهڻن ماڻهن جي حق ۾ نعمت ثابت ٿيندي آهي ۽ انهن جي زندگي ۾ هڪ انقلابي موقعو اچي ويندو آهي، پوءِ اهي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ جهڪندا آهن تہ منهنجو رب منهنجي مصيبت دور ڪندو. (ملفوظات امير اهل سنت، 253/4)

**سوال :** ستارن (تارن) جي چڱي بري اثرن تي يقين رکڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** نجوم، نجم جي جمع آهي ۽ نجوم مان ئي نجومي ٺهيو آهي، جيڪو ستارن جون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. ويچارا گهڻ علم وارا ماڻهو نجومين جي چڪرن ۾ اچي ويندا آهن حالانڪ انهن وٽ وڃڻ جي بہ اجازت ناهي. (1) معاشري ۾ ستارن جي متعلق بہ بري فال جي پرمار ٿيندي هوندي. (2) (ملفوظات امير اهل سنت، 505/3)

---

1 تارن کان وقت معلوم ڪرڻ ۽ رستن ۽ سِمتن جو پتو لڳائڻ جائز آهي. رب تعالیٰ فرمائي ٿو: وَ بِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿۱۶﴾ (پ 14، النحل: 16) (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ماڻهو ستارن جي ذريعي واٽ لهندا آهن.) پر انهن ۾ بارش وغيره جا اثر مڃڻ ۽ انهن کان غيبي خبرون معلوم ڪرڻ حرام آهي، تنهنڪري علمِ نجوم باطل آهي، علمِ توقيت حق آهي.

2... اعلیٰ حضرت، امامِ اهلِ سنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ کان سوال ڪيو ويو تہ ڪَواڪِبِ فلڪي (يعني آسماني تارن) جي اثراتِ سعد و نَحْس (يعني سنن ۽ مَنحوس اثرات) تي عقيدت (يعني پروسو) رکڻ ڪيئن آهي؟ پاڻ رحمۃ اللہ علیہ جواب ڏنو: مسلمان مُطيع (يعني اِطاعت گذار مسلمان) تي ڪابہ شيءِ نَحْس (يعني مَنحوس) ناهي ۽ ڪافرن لاءِ ڪجهہ بہ سعد (يعني سنو) ناهي ۽ مسلمان عاصي (يعني

**سوال:** چا ستارن(تارن) جو قسمت تي کو اثر ھوندو آھي؟

**جواب** :جي نہ! اهڙي طرح سوچڻ بہ نہ گهرجي. (مسلم، ص 944، حديث: 5819) ھي جيکي نجومي وغيره ھوندا آھن، انھن جي ڏنڊي ۾ ڪڏھن نہ پئو! پئسا بہ ويندا ۽ توھان وھمن جو شڪار بہ ٿي ويندا. بس اهو ذهن ٺاهي ڇڏيو تہ جيڪو رب چاھيندو، اھو ئي ٿيندو. (ملفوظات امير اهل سنت، 254/4)

**سوال:** اک ڦڙڪڻ مان سني يا بري فال وٺڻ ڪيئن؟

**جواب** : سُني فال وٺڻ جائز آھي جڏھن تہ ڪنھن سني شيءِ مان بُري فال وٺڻ جائز ناھي. مثال طور اُبتي اک ڦڙڪڻ سان اها فال ونجي تہ ڪا مصيبت وغيره اچڻ واري آھي، اھو ناجائز آھي.
(بدشگونی، ص 120 - ملفوظات امير اهل سنت، 71/2)

**سوال:** گھر ۾ شيشي جي ڪا شيءِ ٽٽي وڃي تہ ماڻھو چوندا آھن تہ ڪا سني خبر اچڻ واري آھي يا بعض چوندا آھن تہ ڪا وڏي آفت

---

نافرماني ڪندڙ مسلمان) لاءِ اُن جو اِسلام سعد (يعني نيڪ بختي) آھي. طاعت (يعني عبادت) بشرطِ قبول سعد (يعني نيڪ بختي) آھي. معصيت (يعني گناھ ڪرڻ) نَحس (يعني مَنحوس) آھي جيڪڏھن رَحمت ۽ شَفاعت اُن جي نحوست کان بچائي وٺي، بلڪ نُحوست کي سعادت ۾ بدلائي ڇڏي، فَاُولٰٓىِٕكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ (پ 19، الفرقان: 70) (ترجموڪنزالايمان: پوءِ اهڙن جي بُرائين کي الله نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو). بلڪ ڪڏھن گناھ ائين سعادت ٿي ويندو آھي جو ٻانهو اُن تي خوف ڪندو ۽ توبھ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آھي، ھو ڏوڪڻ ويو ۽ ڪوڙ حَسَنات (يعني نيڪيون) ملي ويون. باقي ستارن ۾ ڪا سعادت و نحوست ناھي، جيڪڏھن انھن کي خود مُؤَثِر (يعني اثر ڪرڻ وارو) سمجهيو وڃي تہ شِرڪ آھي ۽ انھن کان مدد گھري وڃي تہ حرام آھي، نہ تہ انھن جي رِعايت ضَرور خلافِ توڪُّل آھي. (فتاوىٰ رضويہ، 223/21)

هئي جيڪا ٽري وئي آهي، ڇا انهن ڳالهين ۾ ڪا حقيقت آهي؟

**جواب** :شيشي جي ڪا شيءِ ٽٽڻ جي حوالي سان اهڙيون ڳالهيون منهنجي معلومات ۾ ناهن. نہ اهڙيون ڳالهيون ڪٿي پڙهيون ۽ نہ ئي علماءِ ڪرام ڪان ٻڌيون آهن. بس عوام ۾ ڪوڙ بي بنياد ڳالهيون هلي رهيون هونديون آهن، تي سگهي ٿو تہ انهن مان هڪ ڳالهہ اها بہ هجي. باقي شيشي جي ڪا شيءِ ٽٽڻ تي ايئن سوچڻ ۾ ڪو حرج ناهي تہ "شايد ڪا وڏي آفت اچڻ واري هئي جيڪا ننڍي بَلا تي ٽري وئي آهي." ايئن سوچڻ الله تي اميد ۽ حسنِ ظن رکڻ آهي جنهن ۾ ڪو حرج ناهي. هونئن بہ هر مصيبت ڪان وڏي مصيبت تہ هوندي ئي آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 125/6)

**سوال** : ڇا هڪ گهر جي ڪيترن ئي فردن جون شاديون گڏائي ڪري سگهجن ٿيون؟ بعض ماڻهو ان کي نقصان جو سبب سمجهندا آهن، توهان ان باري ۾ رهنمائي فرمائيندا تہ ڇا ايئن سمجهڻ صحيح آهي؟

**جواب**: هڪ وقت ۾ ڀائرن ڀينرن جون گڏائي شاديون ڪرڻ ۾ ڪا نحوست يا نقصان ناهي، چاهي ٽي هجن يا ٽي سئو تيرهن! اسلام ۾ بدفالي جي ڪا حيثيت ناهي. اهي صرف ماڻهن جا خيال آهن تہ ٽي شاديون گڏ ڪرڻ نقصان جو سبب آهي، حالانڪ هن دور ۾ جنهن طريقي سان ڳائڻ وڄائڻ سان ۽ گهر جون عورتون نچائي شاديون ٿين ٿيون، ان طريقي سان تہ هڪ شادي ۾ بہ نقصان آهي، پوءِ ٽن شادين ۾ ڪيترو نقصان ٿيندو؟ ياد رکو! نقصان شاديون ڪرڻ سان ناهي ٿيندو پر انهن ۾ ٿيڻ وارن گناهن جي ڪري ٿيندو آهي. ظاهر آهي جڏهن گناهن ڀريون شاديون ٿينديون تہ رحمتِ الٰهي

جو نزول نہ ٿيندو، بلڪ رحمت جا دروازا بند ٿيندا جيڪو نقصان جو سبب آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 460/7)

**سوال:** چا اهو صحيح آهي تہ دڪان يا ڪاروباري جاءِ تي ننهن ڪٽڻ سان نحوست ايندي آهي؟ پڻ چا رات ۾ ننهن ڪٽي سگهجن ٿا؟

**جواب:** ننهن ڪٽڻ نحوست جو ڪم ناهي بلڪ سنت ادا ڪرڻ ۽ شرعي حڪم تي عمل جي نيت سان ڪٽيندا تہ ثواب بہ ملندو. جيڪڏهن ننهن ڪٽڻ جي سبب دڪان ۾ نحوست اچي ٿي تہ پوءِ گهر ۾ بہ نہ ڪٽجن، چاڪاڻ تہ اتي بہ نحوست ٿيندي. البتہ ننهن ڪٽڻ نحوست جو سبب ناهي بلڪ 40 ڏينهن جي اندر ننهن ڪٽڻ سنت آهي. جيڪڏهن 40 ڏينهن کان وڌيڪ تي ويا ۽ اجا تائين ننهن نہ ڪٽيا تہ ماڻهو گنهگار ٿيندو. پڻ رات ۾ بہ ننهن ڪٽڻ جائز آهي. عوام ۾ هي غلط مشهور آهي تہ رات ۾ ننهن ڪٽڻ منع آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 342/2)

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن شخص جو اهو ذهن نهيل هجي تہ "جيڪڏهن ان کي پنيان ڪان ڪو آواز ڏيندو تہ ان جو فلاڻو ڪم خراب ٿي ويندو"، اهڙي ذهنيت رکڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اهڙي سوچ رکڻ بَدفالي آهي، ان کان توبہ ڪرڻ ضروري آهي. (ملفوظات امير اهل سنت، 235/2)

**سوال:** منهنجي ڪابي اک ڦڙڪندي آهي، ان لاءِ ڪا دعا وغيره ٻڌايو جنهن سان منهنجو هي مرض ختم ٿي وڃي؟

**جواب:** ڪجهہ ماڻهو ڪابي اک ڦڙڪڻ سان بدفالي وٺندا آهن، ائين

ڪجھ بہ ناهي. ان طرف ڌيان نہ ڏيندؤ تہ سڪون ۾ رهندؤ. " آيۃ ُالڪرسی" هر نماز کان پوءِ هڪ ڀيرو پڙهو ۽ جڏهن هن ڪلمي تي پهچو وَ لَا يَـُٔوۡدُهٗ حِفۡظُهُمَا ۚ (پ3 البقرۃ: 255) ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن جي حفاظت انهن کي تڪائي نٿي سگهي. تہ ٻنهي هٿن جون آڱريون اکين تي رکي ڪري هن ڪلمي کي يارهن ڀيرا پڙهو، پوءِ ٻنهي هٿن جي آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيريو. جيڪڏهن آيت الڪرسي ياد ناهي تہ 11 ڀيرا "يا نُوۡرُ" پڙهي، هٿن جي آڱرين تي دم ڪري(اکين تي) ڦيريو. اهڙي طرح اکين لاءِ هي وظيفو بہ مفيد آهي: فَكَشَفۡنَا عَنۡكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الۡيَوۡمَ حَدِيۡدٌ ﴿۲۲﴾ (پ 26، ق: 22) ترجموڪنزالايمان: ”پوءِ اسان توکان تنهنجو پردو ڪٽي ڇڏيو تہ اڄ تنهنجي نظر تيز آهي“ هي پڙهي ڪري ٻنهي هٿن تي دم ڪري، اکين تي ڦيريو، اللّٰه پاڪ چاهيو تہ اک ڦڙڪڻ بند ٿي ويندي. (ملفوظات امير اهل سنت، 100/8)

**سوال:** ٻلين جڏهن روئنديون (آواز ڪنديون) آهن تہ ان سان ڇا ٿيندو آهي؟

**جواب:** ٻلين جي روئڻ(آواز ڪڍڻ) مان بدفالي نہ ورتڻ گهرجي. ٻلين جي روئڻ تي اهو سمجهڻ تہ بس فلاڻي آفت اچڻ واري آهي، تنهنڪري فلاڻو سفر يا فلاڻو سودو منسوخ ڪريو نہ تہ نقصان ٿي ويندو، حقيقت ۾ ائين ڪجھ بہ ناهي. ٻلي بہ روئندي آهي، انسان بہ روئندو آهي، ۽ ٻار بہ روئندا آهن. ان مان بدفالي وٺڻ بدران عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيئن هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ ٻار جڏهن روئن تہ جهنمين جي روئڻ کي ياد ڪريو. موسوعۃ ابن ابی الدنیا،218/3، رقم:253)

بار ايئن لڳندو آهي ته ڄڻ بي وسي سبب روئي رهيو آهي، ته جهنم ۾ به بي وسي سان روئڻ هوندو. بس الله پاڪ اهڙو ڪرم ڪري جو اسان جهنم ۾ ئي نه وڃون جو روئڻو پوي. الله ڪري ته اسان جهنم ۾ وڃڻ وارا ڪم ڪرڻ بدران نيڪيون ئي ڪندا رهون. (ملفوظات امير اهل سنت، 137/2)

**سوال:** سنو شگون (سُني فال) وٺڻ جون ڪجهه مثالون بيان ڪريو؟

**جواب:** سنو شگون(سُني فال)وٺڻ جائز آهي (تفسير نعيمى، پ9، الاعراف، تحت الآية:132، 119/9) ۽ وٺڻ به گهرجي، احاديثِ مبارڪ ۾ به ان جو ذڪر موجود آهي.[1] جيئن صبح سوير ڪنهن سُني ماڻهو جو فون اچي ويو ته ان مان اها فال وٺي سگهجي ٿي ته "اڄوڪو ڏينهن سنو گذرندو". گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ ڪنهن نيڪ ماڻهو سان ملاقات ٿي وئي، ان سان به سُني فال وٺي سگهجي ٿي. (ملفوظات امير اهل سنت، 87/5)

**سوال:** ڇا حامله عورت يا ان جي اولاد تي سج گرهڻ يا چند گرهڻ جو ڪو اثر پوي ٿو؟

---

[1] حضرتِ بُريده رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ قبيله بَنُو سَهۡم جي 70 سُوارن سان گڏ حاضرِ خدمت ٿيا ته رسولُ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ انهن چيو: بُريده، تڏهن رسولُ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي طرف مُڙي چيو: بَرَدَ اَمۡرُنَا وَصَلَحَ، اسان جو معاملو ٿڌو ۽ سنو ٿي ويو، پوءِ فرمايائون: توهان ڪهڙن ماڻهن مان آهيو؟ انهن چيو: اَسۡلَمۡ مان، رسولُ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي فرمايو: سَلِمۡنَا، اسان سلامتي سان رهنداسين، پوءِ فرمايائون توهان ڪهڙي قبيلي مان آهيو؟ انهن چيو: بَنُوسَهۡم مان، رسولُ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خَرَجَ سَهۡمُكَ (اي ابوبڪر) توهان جو حصو نڪري آيو. (الاستيعاب فى معرفة الاصحاب، 263/1)

**جواب**: هي ڳالهه تمام مشهور آهي تہ جيڪڏهن عورت چند گرهڻ ۾ قينچي هلائيندي تہ ٻار جا چپ ڪٽجي ويندا يا فلاڻو معاملو ٿي ويندو وغيره. ياد رکو! اهڙي قسم جا جيڪي بہ معاملا آهن شريعت انهن جي حوصلہ افزائي نٿي ڪري البتہ ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن جي گهر ۾ اتفاق سان ڪو چپ ڪٽيل پيدا ٿي ويندو آهي تہ چوندا آهن تہ سندس ماءُ چند گرهڻ ۾ قينچي هلائي هئي جڏهن تہ ان جي ڪا شرعي حقيقت ناهي.

امير اهلِ سنت دامت بَرَكَاتُهُمُ العاليه سان ڪيل سوال ۽ انهن جا جواب هتي ختم ٿيا.

## شُگون(فال) جا قسم

شگون جو مطلب آهي فال وٺڻ، يعني ڪنهن شيءِ، شخص، عمل، آواز يا وقت کي پنهنجي حق ۾ سنو يا بُرو سمجهڻ. ان جون بنيادي طور تي بہ قسمون آهن: (1) بُرو شگون(بري فال) وٺڻ (2) سنو شگون(سني فال) وٺڻ.

علامہ محمد بن احمد انصاري قرطبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسير قرطبي ۾ نقل ڪن ٿا: سنو شگون اهو آهي تہ جنهن ڪم جو ارادو ڪيو هجي، ان بابت ڪو ڪلام ٻڌي دليل وٺڻ، هي ان وقت آهي جڏهن ڪلام سنو هجي، جيڪڏهن بُرو هجي تہ بَد شگوني(بُري فال) آهي. شريعت هن ڳالهه جو حڪم ڏنو آهي تہ انسان سني فال وٺي خوش رهي ۽ پنهنجو ڪم خوشي سان مڪمل ڪري ۽ جڏهن بُرو ڪلام ٻڌي تہ ان طرف توجهہ نہ ڪري ۽ نہ ئي ان سبب پنهنجي ڪم کان رُڪجي. (الجامع لاحكام القرآن للقرطبى،پ26، الاحقاف،تحت الأية:4، جز:16،132/8)

بَدشگوني(بري فال) حرام ۽ نيڪ فال وٺڻ مستحب آهي. حضرت

امام محمد آفندي رومي بِرڪليرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الطريقة المحمدية ۾ لکن ٿا: بَدشگوني(بري فال) وٺڻ حرام ۽ نيڪ فال يا سٺو شگون وٺڻ مستحب آهي. (الطريقت المحمديہ، 17/2،24)

۽ مشهور مفسرِ قرآن حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: اسلام ۾ نيڪ فال وٺڻ جائز آهي، بدفالي بدشگوني وٺڻ حرام آهي. (تفسير نعيمي، 119/9)

## اهم ترين وضاحت:

نہ چاهيندي بہ ڪڏهن ڪڏهن انسان جي دل ۾ بُري فال جو خيال اچي ئي ويندو آهي، تنهنڪري ڪنهن شخص جي دل ۾ بري فال جو خيال اچڻ سان ئي ان کي گنهگار قرار نہ ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ محض دل ۾ بُرو خيال اچڻ جي بنياد تي سزا جو حقدار قرار ڏيڻ جو مطلب ڪنهن انسان تي ان جي طاقت کان وڌيڪ بوجھ وجھڻ آهي ۽ هي ڳالھ شرعي تقاضن جي خلاف آهي. (ملفوظاتِ امير اهلِ سنت، 40/3)

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ على مُحَمَّد

# هفتيوار رسالي جو مطالعو

الحمدُلله! امير اهل سنت باني
دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتھم العالیہ / خليفه امير
اهل سنت الحاج ابو أسَيد عُبيد رضا مدني جي طرفان هر هفتي هڪ
رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشاءالله الڪريم! لکين
اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري امير
اهل سنت/ خليفه امير اهل سنت جي دعائن مان حصو ماڻيندا آهن. هي
رسالو Audio ۾ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.Dawateislami.net
يا Read and listen Islamic book ايپلي ڪيشن تان فري ۾ ڊائون لوڊ
ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ به پڙهو ۽ پنهنجي
مرحومن جي ايصال ثواب جي لاءِ تقسيم به ڪيو.

فيضانِ مدينه، محلّه سوداگران، پراني سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net